SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1972

اولهہ پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNSILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962

3. 1970 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1970

4. گذريل تاريخن ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو اختيار
Power to issue notification retrospectively

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.XIX OF 1972

اولھ پاڪستان پرائمري تعليم ۽ لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN PRIMARY EDUCATION AND LOCAL COUNSILS HIGH SCHOOLS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[13 آڪٽوبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 ۽ اولھ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اولھ پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 ۽ اولھ پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان پرائمري تعليم ۽

لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2)هي پهرين آڪٽوبر 1972 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

شروعات
Short title and commencement

2.اولهه پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 (1962 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XXIX) جي دفعه 2 جي شق (g) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪولن کان اڳ لفظ "ءِ ان ۾ شامل آهي ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن" شامل ڪيا ويندا.

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXIX جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XXIX of 1962

3. اولهه پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ آرڊيننس، 1970 (1970 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XV) جي دفعه 2 جي شق (g) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪولن کان اڳ لفظ "ءِ ان ۾ شامل آهي ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن" شامل ڪيا ويندا.

1970 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XV جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance XV of 1970

4.ڪو به نوٽيفڪيشن جيڪو ڪنهن ميونسپلٽي يا ميونسپل ڪارپوريشن ۾ اولهه پاڪستان پرائمري تعليم آرڊيننس، 1962 (1962 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس

گذريل تاريخن ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو اختيار

Power to issue notification retrospectively	XXIX) يا اولهه پاڪستان لوڪل ڪائونسلز هاءِ اسڪولس (تحويل ۾ وٺڻ) آرڊيننس، 1970 (1970 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XV) کي لاڳو ڪندو هجي، اهو اهڙي تاريخ کان موثر هوندو جيڪا پهرين آڪٽوبر 1972 کان اڳ ۾ نه هوندي. **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**